پشپانجلي

[پرم پوڄيه، ۱۰۸ بابا سائين شيوارام صاحب
اداسين (ڀيلواڙا آستان) جي ڳڻانواد
۽ رچيل گيتن جو گڏڪو]

ليکڪ ۽ پرڪاشڪ

رميش ڀڳت پرمانند
(ٽوڪو ٽنڊڪ)
۲۲/۲۴، اوسري گيٽ،
اجمير

همٿائيندڙ:

پوڄنيه بابا گنگارام صاحب
ڀائي هنسرام، ڀائي ميارام، ڀائي راجارام

ڇاپو - پهريون
ڪاپيون - 500

اجمير
۱۹۸۶-۷-۶

پشپانجلي

(ليکڪ جي قلم مان)

"ساري رات صبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
سرليون شاه لطيف چوي، تنهنجي مٽيءَ ۾ لڌو مان،
ڪروڙين ڪن سلام، اچي آستاڻ تنهنجي."

شاه صاحب جا اهي موتي بابا سائين شيوارام صاحب جي ڳلي جو هار بڻيا پيا ٻهڪن. جن بابا شيوارام صاحب جو جيون، روزاني زندگي ڏٺي يا ٻڌي آهي تنهنکي ڄاڻ هوندي ته بابا جن اٺئي پهر پنهنجي ستگورن جي ياد ۾ گذاريا. ستسنگ ۾ هجن يا ايڪانت ۾، گهر ۾ هجن يا ٻاهر بابا هريرام صاحب جي ياد سندن دل ۽ زبان تي هردم هوندي هئي. چوندا هئا ته بابا هريرام صاحب هر هنڌ آهن، چو ته:

"هري دائين هري ٻائين، هري آگي هري پيڇ،
نانڪ دوکا ڪڇهون نه کاوي، هري ٻيچن کي ٻيچ"

ڳرٻاڻيءَ جو ايترو ته اڀياس هون جو هر موقعي لاءِ ٻاڻي مان پرماڻ آسانيءَ سان ڏيندا هئا. سادي رهڻي هين. ڏيکاو ۽ وشواس بلڪل نه ڪندا هئا. غلا غيبت کان پري، پرائي پچر کان دور؛ ستنام

شلوڪ

"بابا شيوارام کو سمري جو انسان،
دگذ پتر اقر لڪشمي دي اسکو ڀڳوان."

ڌني

"بابا هريرام بابا شيوارام،
بابا شيوارام بابا هريرام،
شو روپ بابا شيوارام،
هري روپ بابا هريرام."

اوم شانتي، شانتي، شانتي ....

(نوٽ:— هن پستڪ ۾ ڇپيل ڀڄنان سو رهان
پڄن بابا جن جي استتيءَ ۾ ڇپيل هن
داس جي ڀڄنن پستڪ "شرڌانجلي"
مان ورتل آهن.)

اجمير
٦ جولاءِ ١٩٨٦

سکمڻي صاحب ۾ ٻه صاحبن فرمايو آهي ته:

”سائين کي مهما بيد نه ڄاڻهي،

جيتا سڀهي ليکا ٻکهائهي“.

هن داس ڪوشش ڪئي آهي ته، سندن مهما جو ڪجهه انش ڪوتا روپ ۾ اچي سگهي جنهنڪي ساڌ سنگت سولائيءَ سان ڳائي ۽ ياد ڪري سگهي. همت پاڻ ڏني اٿن. ڪرڻا به پاڻ آهن ته ڪارڻ به خود آهن چيو ته :

” جسڪا ڪارج تنهي ڪيئا،

مانس ڪيا ويچارا رام.“

(شري گرو گرنٿ صاحب)

بابا سائين شيوارام صاحب اوچ ڪوٽيءَ جا سنت هئا. جن جي من ۾ مڪ ٽيڪ سدائين سچ جو واسو هو. جن سدائين پنهنجي ستگورن جو ڌيان ڪيو اهڙا برهمگياني هئا بابا سائين شيوارام صاحب.

سکمڻي صاحب ۾ آ، فرمايو اٿائون :

”من ساچا مک ساچا هوءِ،

اور نه پيکيءَ ايڪس بن ڪوءِ،

نانڪ اهه لڇڻ برهمگياني هوءِ.“

بابا سائين شيوارام صاحب هن ڪلجڳ ۾ رهندي به ڪمل گل جيان نرليپ رهيا. سندن درشني سيئي

جا واپاري بابا شيوارام صاحب اُن منزل کي پاڻي
جا ڪنهن ورلي کي ئي ملندي آهي.

سندن در تي غريب-اَمير، اوچ-نيچ، ديوان-
فقير-مهاتما سڀ طرح جا ماڻهو مسٽر جج پوليس وا
چاهي گنهگار سڀئي اچي صدق وچان سر نوائي
آسيس وٺندا آهن تنهن لکيو اٿن.

"آهين مهروان سائين، مليو ڏس آهي؛
تنهنجي توڙي رحمت، وڏو وس آهي،
راجا مهاراجا، تنهنجي در تي جهڪن،
راڻيون راڄ ڪن سي پي؛ تنهنجي در تي جهڪن
جيڪي جهڪيا تنکي کهڙي ڪس آهي
آهين............... "

(پوڄ ڀڳت پرمانند)

پنهنجيءَ ڪرپا سان گهڻن پريمين جا بگڙيل ڪار
ٺاهي ويا. ڪنهنکي وديا دان ڏنائون، ڪنهن کي
سمت دان ڏنائون ته ڪنهنجي گهر ۾ ان ڌن جا
امبار لڳائي ڇڏيائون ۽ پنهنجي لاءِ ڪڏهن ۾ ڪي
ڪين چاهيائون؛ سچ پچ ته-وليمات پنهنداريءَ جيا
ٻين کي سڀ ڪجهه ڏئي پاڻ هر پدارث کان نيارا رهيا
بابا سائين شيوارام صاحبن جي مهمان جو ورڻ
لکڻ کان پري؛ زبان سان چوڻ کان پري آهي ڇو



سنت سرمور
بابا هری‌رام صاحب اُداسین

لاءِ مهروان هُئي. ڌيرج ڌاري نرمل. نروئره نروڪار،
پر اُپڪاري ٻابا شيوارام صاحب سچ پچ ٻولي اوتاري
هُئا. لکيو اٿن:

”پر اپڪاري ڌيرجڌاري قول ڪمل جيان ٻيارا؛
سنت ڏٺيءَ جا پيارا، ڪومل هردي وارا.“

سنڌن جيونيءَ جي باري ۾ دادا ڪشن واڌواڻيءَ
سنڌس پستڪ ”گردشن“ ۾ سمنڊ ولوڙي امرت
جو گهڙو ساڌ سنگت لاءِ تيار ڪيو آهي. تنهن ۾
هيرا، جواهرات، موتي ۽ ماڻڪ جڙيا آهن دادا
هاسارام ڪيولراماڻيءَ پنهنجي قلم ۽ علم سان ته
وري هن داس تي مهر ڪيا نون بابا جن ڪوتا
رو پي پشپانجلي ناهڻ لاءِ. اُميد اٿم ته پاڻ پنهنجي
ڪلا ۾ سرهاڻ ڀريندا، جيئن اُسين سنڌن ڏيکاريل
رستي تي هلي سچا اِنسان بڻي سگهون ۽ جنم مرڻ
جي بندن کان ڇٽي ڪري سنڌن چرنن ۾ واسو
ڪريون.

اِها ئي اُداس!

پوڄ بابا شيوارام صاحب



पूज्य बाबा शेवाराम साहब जी

پرم پوج پتا بھگت پرمانند



परम पूज पिता भगत परमानन्द

ڀڄن (١)

برهملين اوسر تي

طرز — سڄي نهين بارات تو ڪيا ....
(فلم — ان ڦيري هم ليري)

ٽلهه — کهڙي جنم جي ڏنو سزا
ڇو ٻچڙن کان رسي ويا
بابا سائين شيوارام، ڏيو دل کي ڪو آٿت هاڻ

١ — هند ۾ آيا سنت مان صاحب، وسي ويو پيلواڙو
ديش ودديش ۾ رتن ڪيو توهان؛ جهي ويو آڪاڙو
پريمي سڀ غمگين ٿيا،
ڪنهن سان ڪيون هاڻي روح رهاڻ

٢ — منڙي سر سان ٻاٽي ڳائي، رانول ڇڏيو رهائي
سانوري صورت شيام سندر جيان، وڏا رنگ رچائي
برهملوڪ کان آيا هئا، پرماند پاتو نروان.

ڀڄن (٣)

بابل ڪان گھرون

طرز — دل ۾ تنهجي بناڪي (فلم - فڪيرا)

ٿلهه — آسيس ڪر اهائي، جيون سڦل بڻايان
سڪ ۾ هجان يا ڏک ۾، شل نام تنهنجو ڳائيان

١- صبوح سويرو اٿڻ سان ٿئي درشن تنهنجو سائين
ڪام ڪروڌ ۽ لوڀ موه، اهنڪار کي دور ڀڄائين
تون آهين منهنجو مالڪ، مان داسن جو داس آهيان

٢- سنتن جي هر وچن ۾ ڏسو ڪيڏي آ سمجهاڻي
مان ناليءَ جو گندو ڪيڙو، هو گنگا جو پاڻي
چرڻن جي ڌوڙ تنهنجي مستڪ ڪٽي لڳايان.

٣- پرمانند ٿي مهر جو تون هٿڙو شال ڌريندين
سوالي جيڪي آيا اٿئي شل جهوليون تنهجون ڀريندين
سڀ ڪجهه ڏنو ٿئي داتا احسانمند آهيان

ڀڄن (٢)

بابا جن جي ياد ۾

طرز — اک ڪرامت هٿي هزار خدا خير ڪري
(فلم — رضيا سلطان)

ٽيڪ — بابا شيوارام جي هر ڳالهه ٿئي ياد اچي
سهڻي صورت منهنجي گهنشيام جي ٿئي ياد اچي

١- ڳرو پڳڙي ۾ نه ڪوٺي ٿي سندن ساڻي آ
مٺي ٻولي انهنجي مٺار مونکي ياد اچي

٢- منهنجي باغن ۾ سهڻا ٻار ٿي پوکيو پوکون
ڪين ڪنهنجي ٿي ڪيو ڪار مونکي ياد اچي

٣- جنجي سنگت مان آنند الک ٿي پاتو
هو پريل گيان جو ڀنڊار مونکي ياد اچي

٤- جنجي دربار ۾ ذات ڪير مڪر جنون مڃيون
لنجي هر ڳالهه ۾ هو راز مونکي ياد اچي

٥- نور الله پاڻ نرهنڪار سچو بابل هو
بابي نانڪ جو هو اوتار مونکي ياد اچي

ڀڄن (٥)

پورين وارا بابا هريرام

طرز — توني عجهي بلا يا شيران واليءِ (فلم - آشا)

ٽلهه — سهڻي صورت آهي مندار جي،
پوران واري بابا هريرام جي
مني مندار جي، سائين هريرام جي،
بابا شيوارام جي بابا ڏنگارام جي

1- ميلي ۾ هر سال اچون ٿا، ڳائي ڳرن جا گيت نچون ٿا
ستگور کي ارداس ڪريون ٿا،
عرض ڪريون ٿا سوال ڪريون ٿا
ڏينديءَ سمت سدائين ستنام جي

2- سيڏي جا تو سوال اگهائي، بگڙيل سڀ جا ڀاڳ بڻائي
خالي ڪنهن کي ڪين موٽائي
بابل سڀ جا عرض اونائي
سڀ کي ڏان دوائي پنهنجي نام جي

3- شيواڌاري شيوا ڪن ٿا بابل اڳيان ڀاس پون ٿا
هٿڙا جوڙي روز نمن ٿا، شيوا ڪري شاباس وٺن ٿا
ڏي بخشش انهن کي پنهنجي ڏيان جي

4- ڀوساگر جون چوليون ڀاري، ٻيڙي ڪن ۾ آهي ڦاٿي
پرمانند جو عرض اگهائي، ٻيڙي جهڏهو پار لڳائي
ذات سين کي ڏينديءَ مان شان جي

ڀڄن (۴)

هري شيواڏام

طرز — ٻه ٻدون سي آج مڻن ٽڪرا گيا (فلم - بيتاب

ڏاڍو سرڳ کان سهڻو آ جنهنجو شان آ
هري شيواڏام تنهنجو نام آ

۱- چار سد آهن سچارا ڏس سماڌ تون سي سنيو
ڏوٽي صاحب جي اڳيان ٻر امي سيڄڻي تا جهڪو
هريءَ جو نالو بابا هرڀرام آ

۲- باغ باغيچا ۾ سهڻي آ ڌرمشالا هتي
بابا شيوارام جي سرڪار عالي آ جتي
مک ۾ بابل جي سدا ستنام آ

۳- ٻرماند هن در سان منهنجو صدق شل رهجي اچي
مان اچان هر روز بابل ، اڄ ۾ پت رهجي اچي
دل ۾ تنهنجو ڌيان او ڀڳوان آ

ڀڄن (٧)

شڪر گذاري

طرز:— دل کي ارمان آنسوئن ۾ بهه گئي
(فلم - نڪاح)

ٽيڪ:— ڪيئن ڀلا ڀيٽيندس تنهنجي احسان کي
ڏنڊوت وندنا بابا هري رام کي

1- زندگيءَ جا سک سڀئي مون کي ڏني
تو وڏائو آهي تنهنجي شان کي

2- مان نڪي لائق ڪڏهن سگهندس سڃاڻ
تو ڪيا مون تي لکين احسان جي

3- تنهنجي چرنن ۾ سدا ورتي رهي
اڄ سنگت ساريءَ کي هيءُ وردان ڏي

4- ڪيئن پرماننند مٺڙا جي ڏسان
انت والي ۾ پنهنجو ڌيان ڏي

ڀڄن (٦)

تنهنجي نانءَ تان قربان

طرز — دلڪا اڪ خواب تو ٿي سلسلي هوئي
(فلم — سلـ

ٽلهه — سنگورن جي نانءُ تان قربان مان وڃان
صاحبن جي نانءُ تان قربان مان وڃان
پيرن ۾ بابا هيرا رام رنگ ڪيو
پيلواڙو سونهين بابا شيوارام سان

1- سهڻي صورت آ منهنجي بابل جي
موهڻي مورت آ مالڪ جي
جيڪو اچي در تي تنهنجا جهول تون ڀري
اهڙو منهنجو ڪالڪا جو ڪرتار آ

2- باغن ۾ ٻاجهون ٿين موچارون
چٽڻي سڏن جون جتي چار سماڌيون
ٿوٽي صاحب جو جتي آستان آ
جهنڊو بابي شرڌانند جو جهولي جتي

3- پرمانند پورام ڪيو هن در سان
پائي ونو چار پدارٿ جڳ مان
گيان ڌيان شان مان ناهر هٿ عالي
ڪنيل ڀڄن پوچن جو پدار آ —

ڀڄن ٩

بابا شيوا رام سائين

طرز — لن آنکون کي مستي کي مستاني هزارون هيئن
(فلم - اُمراءُ جان)

ٽلھ — بابا شيوارام سائين مالڪ دنيا جو آهين
هيءَ عرض ٻڌي منهنجو دک درد مٽائجا لاهين

1- هڪ ڀيرو نهاري ڪڻي، تنهنجي چرڻن ۾ جڳهه سائين
ٻيو صبر ملي من کي چنتا رهي نه ڪائي

2- نيڻن من ۾ نه لالچ آئي، پرڀو ڪي ڏسي بابا
چوڏون مان ڏسان سڀ ۾ صورت توهانجي سائين

3- چارني ملن پدارٿ پرپور ٻيو چيا ڪجي دانا
آڪاڙيءَ ۾ منهنجي ٻالڪ واسو ڪريو سدائين

4- هن در سان رکي ليکهڙو ناتو هو پرمانند پيي
مان پيي سوالي آهيان تنهنجي دربا جو سائين

ڀڄن (٨)

پيرين جو درويش سچو

طرز — شاهد ميري شادي کا خيال (فلم - سؤال)

ٽلهه — پيرن جو درويش سچو بابا سائين هرڙا
سڀئي دلين جو مالڪ آهي بابا سائين شيوارا

1- باغ باغيچا ٻهون زميون سڀئي پوکيم اهائي
پيلوازي ۽ پيرن ۾ ڪو پيد نه جاڻو پائي
اُٿي اٿي بابل هو هتي ٿي بابل آ
اُٿي ۽ سوال اگهيا هتي ۽ سوال اگهيا
بابا شيوارام ۽ رميل هتا بابا هرڙارام

2- هرڪي جو مطلب آ ڀڳوان رام جو مطلب رام
هري ۽ رام سماڻو ڏٺو ٿم بابا سائين هرڙارام
اچي جو سوالي تو وڃي نه خالي تو
آهي جو اڄ مجبور سو ٻٽجي والي تو
پورل آ پندار سدائين ڀڄن پوڄن جو ڌام

3- پڙ مانند اڄ پڙ ام رکي تون، دل ۾ شردا ڌاري
بابل سڀ جا دکڙا ڪاٽي، سڀ جا ڪارج سواري
چڙن سماڌ ان جو هتي مندر آهي ڏسو
هري جي شيوا جو هتي مندر آهي ڏسو
و سند ٻون رهن هي گاڏيون سدا

آهي اها اُرداس

پڙهڻ ١١

ستنام جي مهما

طرز — ملتي هي آنکين دل هو ڳا ديوانا ڪسيڪا
(فلم - بابل)

ٽُڪ — ايندي ٿي موکي ستگورن ستنام چوائو
چئو رڳي مجهي لهي ٿيو لاڏو سجايو

١- درشن تيو دائڙي ڏري، من آنند پاڻو
درد ۽ ڪشٽ جو ڪٽڻون پاڻ اچي ڪاٽو
نا سوال پراڻين جو وڇي ڪڍڻ ٻي اجايو

٢- ڪروڙن جنم جا پاپ ڪٽيا ستگن جي درشن
پاپي ڪٽي ٽاري ڇڏيا پل ڇن ۾ ٻيگون
سهٽي ڏسي صورت سڻن مورت کي ساراهيو

٣- چارئي پدارٿ ڏا ملن، شرڌا سان اچ ڏون
شيوا ڪري هٿڙا ٻڌي، هن در تي جهڪ ڏون
خود ٻيهي چئو ستنام ۽ ٻين کي ٻي چوائو

پاٺ (١٠)

ستگورن جي شرڻ

طرز — دل کي اَرمان آنسوئن ۾ ٻھه گئي
(فلم - نڪاح)

ٽيڪ — ستگورن جي تون شرڻ ۾ اچ ڪٽي
ڀاڳ سان ناهيندو پرلن وارو ڏي

١- جيڪڏهن خود کي اڌ ڙ چاهين سڄڻ
پيار ۽ سک سان ڪٽاڻ شيوا اچي

٢- تون ٻڌڻ جيڪي اُنهن جي مهر ٿئي
اهڙي ڪر ڪرڻي جو سڀ کي پيو وڻين

٣- ٻڌي چرڻن جي ملئي جي ڌوڙ پئي
پنهنجي مستڪ لي سڄڻ هٽجاڻ ڪٽي

٤- پرماتما جي هيءَ سکيا تون ياد رک
ستگورن کي جو وڻيو وڃڻ ٻڌين

ڀڄن (١٣)

بابا شيوا رام مهان

طرز — هونو سي چهُو لو تم ميرا گيت امر ڪر دو
(فلم — پريم گيت)

ٽلهه — بابا شيوارام مهان - سنگت جو ڪريو ڪلياڻ
سڏ ٻڌ شل ڏيو سڏڙو - سدا رهجو سنگت سان ساڻ

١- ڏينهن رات تـوهانجو ٿـي بس ڌيـان گهرون بابا
ستنام چئون بابا، ڌيان گهرون بـابا
شل اچي پهر ڏسون تنهنجي صورت او ڀڳوان

٢- تنهنجو نـانءُ وٺـي بابا سچ جـو واپار ڪيون
تنهنجي ٻيڙيءَ لي واهي پو ساگر پار ڪريون
تنهنجي ٻاجهي روز پڙهون، او هيڻن جا همراهه

٣- دربـار سچڻ تنهنجي جـڳ سـرگهوري آهـي
نت نيم سان پڄن ٿئي، پوڄن ٻـي ڪلپل آهي
ڪوئـي خالي ڪين وڃي پرمانند تنهنجي جاڻ

ڀڄن (١٢)

بابل جي دربار

طرز — مجهي تم ياد ڪرنا اور مجهڪو ياد آنا تم
(فلم - مشال)

ٿلهه — اَتو هيءَ سونهن کان سهڻي سچي دربار بابل جي
ڀرين ٿا جنهن ۾ پلا پال تنهن سرڪار ي- عالم جي

١- اگر توڪي ڪپي اولاد تون غمگين ڇو آهين
بابا هردارام جي در تي، اچي تون ڇو نه ٻاڏائين
اچي شردا سان ڪر شيوا سماڌ ان واري صاحب جي

٢- اگر چاهيو مٽن دکڙا ته بابل جي ڏسو صورت
اگر چاهين ملن سکڙا ڏسو منتار جي مورت
ڪريو شيوا وٺو ميوا اٿو هيءَ رمز راڻول جي

٣- سندن واڻي مٺي هيڙي سندن صورت هئي سهڻي
سدا برسين پئي رحمت آ- بابا شهوارام جي ته گهڻي
نرالي شان پرمانند آ تن جي باغيچن جي

ڀڄن (١٥)

ڀڳتيءَ جا ڀنڊار هئا

طرز — نگري نگري دئاري دئاري (فلم — مدر انڊيا)

ٽِلهه — بابا شيوارام اُداسي، ڀڳتيءَ جا ڀنڊار هئا
واس غريبي نظر نمائي، الهه لوڪ اوتار هئا — بابا

١— ننڍپڻ کان ئي گُرو ڀڳتيءَ ۽ گُرو چرنن جو ڌيان هو
ڀڳتن جا ڪم پاڻ ڪرڻ لاءِ، آهو جڻ ڀڳوان هو — آهو
منڊي سر سان سڀ ڪي موهيو،
سنگت جا سينگار هئا — بابا

٢— مک ۾ پاڻي هاج هٿن سان،
سچ جو ڪمدا واپار هئا — سچ
سڀن ۾ سونهارا صاحب،
پرڀين جا آڌار هئا — پرڀين
سهڻي صورت، موهڻي مورت،
موهن جيان مختار هئا — بابا

٣— پرمانند جن ڪئي آ شيوا،
سڪ سان هن دربار جي — سڪ
بابل آسن ڪي اڏي چڙهيو آ،
ناهي ڪمي ڪنهن ڳالهه جي — ناهي
نام دوائي ڏني دوکين کي،
نيڪ ڪمدا ڪردار هئا — بابا

ڀڄن (١٤)

بابا شيوا رام

طرز — دو هنسون کا جوڙا ٻڇڙ گيو ري
(فلم - گنگا جمنا)

ٽلهه — اَمر تنهنجي ڀڳتي امر تنهن جو نام
بابا شيوارام سچا بابا شيوارام

١- ڪهڙي مهما مان ڇوان ناهي زبان کي طاقت
ڪهڙا گڻ ڳايان ناهي قلم کي طاقت
تنهن جي ڪرپا سان مٽن پاپ ڪئي جنمن جا
تنهن جي مهر ٿئي ڪشٽ مٽن ٽا ٽن جا
سچ ط هر گهڙي ته ٿئي جپو ستنام

٢- تنهن جي دربار ۾ جيڪو به اچي سوالي ٿو
تنهن کي سڀ ڪجهه ٿو ملي ڪين وڃي خالي ٿو
جيڪو شيوا ٿو ڪري تنهن کي ملن ٿا ميوا
جيڪو شرڌا سان جهڪي تنهن جا کلن ڀاڳ اَدا
پرمانند سڀئو آ هري شيوارام

ستگور دين ديال

طرز- رنگه برسي ڀيگي چنروالي   فلم- سلسلا

ٽلهه- منهنجو ستگور دين ديال، آئي اپڪاري،
هڏي سڀني جا ٿو سوال، اچو هڪ واري—

١- جيڪو اچي ٿو سرڻ ۾ نوائي، تنهنجا ڀري ڀنڊار،
اچو هڪ واري—

٢- شرڌا سان جيڪو ڌيان لڳائي، تنهنجو وڌائي شان،
اچو هڪ واري—

٣- ستسنگ جي هت گنگا وهي ٿي، اچي ڪيو اشنان،
اچو هڪ واري—

٤- گروءَ بنا جڳ آهي انڌارو، ستگور ڏئي ٿو گيان،
اچو هڪ واري—

٥- ڀاڳو هو پرمانند سنتن مان، لڄ رکيس لڄپال،
سڄڻ هر واري—

ڀڄن (١٦)

او منهنجا گرو بابا

طرز — اي ميري دلي نادان تو غم سي نه گهبرانا
(فلم - پوسٽ باڪس 9

ٽيڪ — او منهن جا گرو بابا، تنهن جي ياد ستائي ٿي
تنهنجي صورت دلڙيءَ ۾، هڪ تار مچائي ٿي- او

١- اکڙين ۾ ڪري آسڻ، تو لئه ياڌاڙون پيا
تنهنجي درشن لاءِ بابا، هر هر ٻاجهاڙون پيا
هيءَ ساڌ سنگت پل پل، تنهن جو نالو پڪاري ٿي- او

٢- ڪيئن وهندا هينئڙا واهه، واهه، ڪيئن هلندا هينئڙا واهه
ڪيئڙ ڪشٽ ڪٽيو واهه، واهه، ڏک دور ڪيو واهه، واهه
پرمانند جسي وارڙي لوڪي سيس نوائي ٿي - او

ستسنگ

ز- دل هي دل ۾ لي ليا دل فلم- آج ڪي آواز

- موج ستسنگ جي مچي ٿي، پاڻ بگڙيل ٿو بڻي،
جو اچي هڪ وار هتڙي، تنهنجي ٿو ستڪور سٺي،
موج ستسنگ ....

من کي آنند ٿو ملي، چنتا سموري ٿي مٽي،
جو اڪيل ناهي ڪرم ۾، سو ٻه سنتن سنگ ملي،-٢
ڪوئي ڪوئي ڀاڳ وارو، وچن سنتن جا ڪٽي،
جو اچي ....

من ٿو ڀٽڪائي مدش ڪي، دور ڀڄون ڪان ڪري،
ڪام وشين ۾ لڳائي، دور ستسنگ کان ڪري،-٣
نام جي لڪڙي ڪناري من کي ٿي ڪابو ڪري،
جو اچي ....

جو ڀڄين ٿو تون دليان ۾ ڪهڙو آ پرماتما،
لوڪي ملندو سڀ ۾ صاحب، راضي ڪر هر آتما،-٤
ڏس ڪري شيوا غريبن ۽ ڏکين ۾ ٿو وسي،
جو اچي ....

پرمانند جنهن پاتو جوڙيو آ سچي سنسار ڪي،
سو رهي سنتن جي وس ۾، نا ملي بازار ۾،
تنهنڪي مالڪ سان ملائن، جيڪو سڪ شرڌا رکي،
جو اچي ....

درشن

طرز - دیکھ تیری سنسار کی حالت کیا ھو گئي بھگوان

ٹلھہ - آج تمری درشن کو لگي ھيء، پيڙ يھان سکندام،
جئہ جئہ بابا شيواراہر، جئہ جئہ بابا ھرہرام.....

١- دور دور سي پرلھي آئي، سبکو درشن تيري پائي،
ھر کوئي ھئہ تجهي نهاري، تيري ھم ھکي ھئن ساري،
دل پر ھماري آسن کرلو، ديکھين صبح سي شام،
.... جئہ جئہ

٢- چارون اور دکهي التہارا، تيرا نام بنا اجيارا،
هي سنسار دوکهلا سارا، ھمکو بس تيرا ھي سهارا،
کؤن تمهاري بنا ديکتا، دهن دکهي کي کام،
.... جئہ جئہ

٣- ھمکو مايا موھ لي گهيرا، کام کرود لي ڈالا ديرا،
بس دن ڈهان لگائين تيرا، جنم مرن کا کاٹو فيرا،
پرمانند ملي مانگ تجهسي، سنگت ساري دان،
.... جئہ جئہ

امرت ويلي اُٿي

- حسن پهاڙون ڪا او صاحبان فلم - رام تيري گنگا ميلي

- امرت ويلي اُٿي او پيارا، امرت ويلي اُٿي

سمرڻ پنهنجو نيم نڀاءِ، تون پنهنجو رام رجهاءِ -

ڪوڙل ڪيا تو ماٺ گريب ۾،
ڦاٿو هٿين تون ڪميءَ نرڪ ۾،
تو تي پڪارئو رام ڪيئي من ۾، - ٢
ڪوڙ سي پورا ڪجانءِ او پيارا،
ڪوڙ سي پورا ڪجانءِ،
سمرڻ پنهنجو فرض نڀاءِ، تون پنهنجو رام رجهاءِ -

روئي تون آئين، کلندو تون وڃجانءِ،
شڀ ڪرمن ۾ جنم تون ڪٽجانءِ،
ڪام ۽ ڪروڌ کان دور تون ڀڄجانءِ، - ٢
لوڀ کي من مان ڪڍي او پيارا،
لوڀ کي من مان ڪڍي،
سمرڻ ڪنهنجو موه نڪجان، اهنڪار کي دور ڀڄاءِ -

پرمانند جي هي سمجهاڻي،
جيڪو پڙهي تو امرت باڻي؛
تنهنکي ملي تو اچي پار تي سائين؛ - ٢
ننڊ لڏوري اٿي او پيارا؛ ننڊ لڏوري اٿي؛
سمرڻ تنهنکي دور ڀڄاءِ؛ تون پنهنجو رام رجهاءِ -

سکمڻي صاحب

طرز - دل ھي دل ۾   فلم - آج ڪي

ٽلھ - جي چئين سمسار جا، سک سڀ ملن پڙھ سکم
جي چئين ڏيھيءَ سمدا، ڏک سڀ مٽن پڙھ سکمڻ

١- سکمڻي آ سمنڊ سک جو، تون ٻہ گھاگھر ڀر ڪٽ
سکمڻيءَ جي پاٺ سان لوکي مٺا ملندو ڏٺي
جا گروءَ ارجن لکي باڻي سچي پڙھ سکمڻ

٢- سکمڻي جنھن گھر پڙھن، تنھن گھر ڪمي ڪا ڪين ٿ
دل گھريا وردان تنکي، پاڻ تو ڏاتار ڏني
جي چئين مان پار پئو ڪان، تي وچان پڙھ سکمڻ

٣- پرمانند وردان آ مليل، پڙھي جو سکمڻ
ڪين تنھنکي ڪال ٻي، وينرو ھنائيءَ سان ڪٽي
تنھنجا تين لايا سچايا، پريم سان پڙھ سکمڻ

جپلي دونون نام

طرز - جگ ۾ سندر هئن دو نام (انوپ جالوٽا)

ٽيڪ - من ۾ جپلي دونون نام، شيوارام هرهرام،
هرهرام شيوارام، شيوارام هرهرام.

١- ايڪ پريا کي سمت سڃاري،
دوجي پيلواڙا کي سونهاري،
دونون ني کي نام کي يڪتي،
دونو تي سکدام،.... من ۾

٢- ايڪ ني هري کي باٽي کوهي،
ايسا يڪتي مارگ بتايا،
دوجي کو اپني هي گرو کا،
آپ پهر تا ڌيان،... من ۾

٣- بابا شيوارام ني اپني ستسنگ سي تا رام رجهايا،
بابا هرهرام لي اپني بس ۾ کيتا تا کام،....من ۾

٤- دونون کي صورت هئه پياري،
دونون کي مورت هئه نياري،
دونون سب کي دک هرت هئن،
ليتا جو ڀي نام،.... من ۾

٥- پرمانند دونون کي مهما، کوئي نهين ڳان سڪيگا،
دونون سک کي ساگر هئن،
وو شق هئن وو يڪوان،.... من ۾

درٻار سهڻي آ

طرز - بس ڀي ايراڻ مٽن هر بار ڪرتا هون فلم - ڀڳوان

ٽلهه - بابا شيوارام جي درٻار سهڻي آ،
مورلي سٽگور سچي جي ڪيڏي مٺي آ.

١- ڀلوارڙي ۾ ٽهيل آ، هري—شيوا ڌام،
ٿو جتي هردم ملي، ستسنگ روپي گيان،
هٿ سماڌين جي ٽهيل سينگار سهڻي آ..... مورلي

٢- نيمي نيمي پريم جي چادر چڙهائن ٿا،
سڪ ۽ شرڌا سان سيمي سرڙو لوائن ٿا،
ٿو پڇي هر سوال، هيء سرڪار سهڻي آ،... مورلي

٣- بابا گنگارام جي صورت نماڻي آ،
روپ ساڳو ساڳي رهڻي، ساڳي باڻي آ،
باغ باغيچن جي هٿ بهڪار سهڻي آ،.... مورلي

٤- اٺکهريا وردان ڏيو ٿا او سچا سائين،
اڻ ڇيل ڳالهيون پڌو ٿا او سچا سائين،
پرمانند بابل جي هرڪا ڳالهه سهڻي آ،.... مورلي

سر جھڪايون

رز- تمسي ملڪر نا جاني ڪيون فلم- پيار جهڪتا نهين

هه- تنهنجو درشن جنهن ڪيو آ، تنهنجو جيون ٿيو سڦل آهي

تنهنجي در تان سڀ ملي ٿو، سڀني لاءِ در کليل آهي

١- هڪ تنهنجو نام ڏيائيون ٿا،
پيو ڏوهه سڀئي ڀڄائيون ٿا،
ٽيون دان گهرون ٿا ڀڳتيءَ جو،
شردا سان ٽوڪي مڙائيون ٿا،
ڇوٿون سک جو سامان گهرون،
ڀنڊار جو تنهنجو ڀرپل آهي،
ڀرپل آهي، تنهنجو درشن....

٢- جنهن تي ٿي ڪئي پنهنجي ڪرپا،
تنهنجا سڀ دکڙا دور ٿيا،
جنهن جنهن ٿي پڪاريو شردا سان،
تنهنجا سڀ ڪشٽ ڪفور ٿيا،
پرمانند هيءَ سر صدق وچان،
تنهنجي در تي سدائين جهڪيل آهي،
جهڪيل آهي، تنهنجو درشن....

هري - شيوا مهما

طرز - چاهي لاکه طوفان آئين   فلم - پيار جهڪتا نهين

ٽلهه - دل کولي دان ڪندا هئا، سڀ جو سنمان ڪندا هئا،
سنگت کي نام ڏني ويا گيان ڌيان شان ڏني ويا،
شو جـــا هئا اوتار بابا شيوارام اداسي،
هريءَ جا هئا اوتار بابا هرپرام اداسي...

١- جنهنتي ديا جي سائين نظر ڪيو ٿا،
تنهنجا ڀنڊارا بابل پل ۾ ڀريو ٿا،
اچي تو جيڪو سوالي نه موٽيو ڪڏهين خالي،
سڀ کي رساهو روزگار بابا هرپرام اداسي.....

٢- ستسنگ جنجو هيو سڀ کـــان نرالو،
سنگت کي پيئاري ويا پريم پيالو،
نه ڪنهنسان هليا اچائي، سڀن سان ڪيئون ڀلائي،
قدرت جا ڪرتار بابا شيوارام اداسي...

٣- صبر سادگيءَ ۾ بابا تنهنجو نا مثال هو،
گرو ڀڳتيءَ ۾ سائين تنهنجو نا جواب هو،
ڇيو ٿي مکه سان ٻاٽي، سگهيو ڪوئي نه سڃاڻي،
پرمانند هئا ڀڳوان هري - شهوارام اداسي....

سندن گڻ گيت ڳايون ٿا

طرز - بهارو ڦول برسائو ميرا محبوب آيا هي. فلم - سورج تلڪ. بابا شيوارام جي ڄمت اڄ سڀئي پريمي ملهايون ٿا

سندن گڻ گيت ڳايون ٿا .

١- ڪهڙو نالو هو ننڍپڻ جو؛ هزارن گڻ هئا ڀريل،
مٺي سر سان پڙهي باڻي؛ رهيا سي رام ۾ رميل،
اچي در تي جهڪي پريمي ڀلارا ڀاڳ پائيون ٿا،
سندن ....

٢- بابا هريرام جي ڪرپا سڀڻ لڌهجي مٿان ٿي وئي،
ڀلائي هر ڏکايل سان سڀڻ لڌهجي هٿان ٿي وئي؛
ملي پريمي سڀئي سڪ سان مٺي صورت نهاريون ٿا؛
سندن ....

٣- مٺي ٻاڻي مٺي صورت وڻيا سي رام رنجهاڻي،
ڳجهي ڀڳتي ڪري جڳ ۾ سماڌيون سنڌن جون آهي،
سماڌي لڌهن ٻنهين سڌ جي سندن ٻالڪ ٻڌايون ٿا،
سندن ....

٤- سماڌي ڪيڏي سهڻي آ سماڌين واري صاحب جي،
اُتي هر ڳالهه عجيبي سماڌين واري صاحب جي،
مٿان ٿيا سڀئي ڏکڙا سندن جڳ جڳ ملهايون ٿا،
سندن ....

اسين سڀ ڌڻئجا ٻچا

طرز - رمئيا وستا وئيا رمئيا وستا وئيا   فلم - شري ٤٢٠

ٽلهه - بابا هريرام سچا بابا شيوارام سچا،
اسين سڀ ڌڻئجا ٻچا، اسين سڀ ڌڻئجا ٻچا - بابا

١- صورت ڏسون وري مورت ڏسون،
هر گهڙيءَ پيا ڏسون ۽ وري پيا ڏسون - بابا

٢- ٻيرن ۾ ڏسون ٻيلواڙي ۾ ڏسون،
هن سنگت ۾ ڏسون هري مندر ۾ ڏسون - بابا

٣- تن ۾ توهان بابا من ۾ توهان،
ستسنگ ۾ توهان، هري رنگ ۾ توهان - بابا

٤- باغن ۾ ڏسون ۽ باغيچن ۾ ڏسون،
اميرن ۾ ڏسون ۽ غريبن ۾ ڏسون - بابا

٥- جل ۾ توهان بابا ٿل ۾ توهان؛
ڌرتيءَ ۾ توهان بابا آڀ ۾ توهان - بابا

٦- سڌ ۾ ڏيو بابا سڌ ٿيا توهان؛
آنند ۾ توهان پرمانند ۾ توهان - بابا

شو روپ بابا شيوارام
هري روپ بابا هريرام

طرز - پرديسين سي نه اکيان ملانا فلم - جب جب قول کلي

ٽلهه- شو روپ بابا شيوارام اداسي،
هري روپ بابا هريرام اداسي-

١- پريا شهر جا ڀاڳ ڀلارا، بابا سائين هريرام پڌاريا،
درشن لاءِ جنهنجي سنگت آ پياسي.

٢- پنهنجون ٻهڻ ۾ جنم ورتائون ٻار هري هٿا رام جپيائون؛
بابا شيوارام ٿن جي شيوا ڪئي خاصي-

٣- سنڌ ڇڏي بابا شيوارام سائين ڀلواڙي ۾ واڙي وسائي
پريا ڀلواڙو پنهنجون ساڳي آ راشي-

٤- سڌ ۾ سڌ جو وڇن ڏنو ڏو ڪڌ ۾ ڪڌ جو وڇن ڏنو ڏو،
پرمانند ڪهندا الک سنگ سائي-

بابا شيوارام مهان هئا

طرز - بابل کي ڏاتين ليتي جا   فلم - ليل ڪمل

ٽلهه - ڀڳتيءَ جا سچا ڀنڊار هئا، بابا شيورام مهان هئا۔

١- هلندي چلندي ستنام جپيندون،
اٿندي ويهندي هريرام چيئون،
ڀڳتي ستگور کي ڀڳوان سمجهي،
ڪندا هردم انهيءَ جو ڌيان هئا۔

٢- لعل لار هين رب سان جڙيل،
شاهن جا شاهه هئا بابل،
گرباڻيءَ جي سمجهاڻي ڏيئي،
ستسنگ ۾ ڏيندا گيان هئا۔

٣- ڀڳتي ٻچڙن لي آسيس ڪري،
شل واڌي ڀڳتي وڌائيندا،
سنگت لي ڪري آسيس سچي،
شل سڀ جا عرض اگهائيندا،
پرمانند انهين شڪ ناهي مهنجا بابل خود ڀڳوان هئا۔

امر تنهنجو نائن

طرز - بابل کي دعائين ليتي جا. (فلم: نيل ڪمل)

ٽيڪ - جيسين سج چنڊ تارا دنيا ۾،
تيسين جڳ ۾ تنهنجو نام رهي،
جيسين ڌرتي دنيا ۾ قائم آ،
تيسين قائم تنهنجو نام رهي-

١- تنهنجي مندر ۾ تو چين ملي،
تنهنجي درشن سان آرام ملي،
دکين جا دکڙا دور ٿين،
ڪوئي نه هتان ناڪام وڃي،
هر ڪنڊ ۾ بابل آهين تون،
جيئن بندرابن ۾ شيام رهي-

٢- ڪنهن هلندي ڏٺو ڪنهن سپني ۾،
سڀني کي درشن ڏيو پيا ٿا،
پل ناهه شرير هتي چيتن،
تڏهين به ڏيکائي ڏيو پيا ٿا،
پرمانند سان انگ سنگ رهجو،
جيئن سيتا سان گڏ رام رهي-

پنج - ست - مهما

طرز - بڙي بڙهائي نا ڪرين بڙي نه بولين بول
فلم - اکيون کي جهروکي سي

ٽلهه - پهلي ست کا نام هئه بابا آتمارام،
جسني آتم گيان سي سبکا کيئا ڪلياڻ،
جگت ۾ سبکا کيئا ڪلياڻ

- دوسري ست کا نام هئه بابا مهيرام،
من جيتي جگ جيت هئه دي گئي سبکو گيان،
جگت ۾ دي گئي سبکو گيان

تيسري ست کرپا نڌان بابا کرپارام،
جس جس پر کرپا کرين اسکا بڙهائين شان،
جگت ۾ اسکا بڙهائين شان

چوٿي ست هري-روپ هئن بابا هريرام،
تن کي آگي سب جهڪين ڪروڌ لوڀ اور ڪام
جگت ۾ ڪوئي نه انکي سمان

سيوا سي جو ست هوئي پانچوين ست وو مهان
گرو کرپا جن پر رهي بابا شيوارام
جگت ۾ اونچا هئه استان

پانچون ست ملکر کرين هم سبکا ڪلياڻ
انکي سب استت کرين پر ديئنگي ديدار
جگت ۾ پر ديئنگي ديدار

٦- اداسيئن کي مالڪ؛ پالڪ دک گهالڪ؛
آچاريه شرو ڌاريا، جڳ ڪي سنڀالڪ - اوم

٧- ويدي ولش رکيو جڳ پنتر؛ ڪرپا ڪري ڀاري،
ڌرمچند اپديشيو؛ جاوا ٻالهاري - اوم

٨- گؤر ورڻ تن ڀسم ڪان ۾ سوڀي مندرا؛
باورئا سر ڀراجي؛ پک ڪر ڇڳ، آڌريا - اوم

٩- پدماسن ڪو بانڌ، يوگ ڪو ليئو ڌاري؛
انسو ڌيان لڳايو، من ۾ نت ڌارين- اوم

١٠- جو جن آرتي لشدن، گروجي کي گاوين،
سي ڀڪت نر ناري، سک اش ڦل پاوين- اوم

١١- رام نارائڻ آرتي، گرو جي کي ساجي،
بال پتي شرلچندر جي، جن پر رهو راضي- اوم

Printed by : Kaushal Printing Press, Dayanand Market,
Kaiser Ganj, AJMER-305001.
Phone : 24767

آرتي شري ڀڳوان شري چندر جي

جنم - وڪرمي سنبت ١٥٥١ — برهمالين - وڪرم سنبت ١٦٨٢

ڀادر ڀد نومي، شڪروار — پوش ودي ٥

اوم جئه گرو شري چندر ديوا، سوامي جئه گرو شري چندر ديوا؛
سر نر مني جن ڌياوت، سنتن ڪي صاحبا - اوم —

١- ڪليگ گهور انڌار ديکڪر، ڌرئو اوتارا،
شنڪر روپ سدا شو؛ هر اپرمپارا - اوم

٢- يوگيندر اوڌوت سدا تم، بالڪ برهمچاري؛
ڀيش اداسين چالڪ؛ مهمان آلسي ڀاري - اوم

٣- رامداس گرو ارجن؛ سوڀي ڪل ڀوشڻ؛
سيوت چرڻ تمهاري؛ مٽگئي سڀ دوشڻ - اوم

٤- رڌي سڌي ڪي داتا؛ ڀڳتن ڪي تراتا،
روگ شوڪ سڀ ڪاٽو؛ شرڻي جو آتا - اوم

٥- ڀڳت گري سنياسي؛ چرڻو وچ گريو؛
ڪامت ديئو پرڀو - بندن؛ ششي، اپنا ڪريو - اوم

آرتي صاحب بابا شيوارام صاحب جي

اوم جئه ستگور بابا، سوامي جئه ستگور بابا
شيوارام سنت اُداسي، دانين ۾ داتا — اوم

١- هردي روپي ٿالهه ٺاهي، پريم جو تيل وجهي،
جگ مگ جگ مگ جوت جڳائي، آرتي ڪيون ٿڌهي - اوم

٢- پربا چڙهي پيلواڙي آيو، ٿاهيو گر دربار،
ستگور بابا هريرام هئا، ساکي سرجڻهار - اوم

٣- شيوا پڳڙي ڪري گرن جي، ڄاڻ اها جاڻو،
سرب نواسي سدا الهپا، پريم کي پاڙيو - اوم

٤- سرڌيون گرمکن سيئي سهاري، شيوا ڪيو سهي،
شيوا مان شيوارام ٿي ويا، مالڪ مهر ڪئي - اوم

٥- مکه ۾ باڻي هاج هٿن سان، سڀ جو ڪيو ڪلياڻ،
ٻانهن کي ڏني پترا، نرتن ڪيو ڏنوان - اوم

٦- رڌين سڌين جا مالڪ، گيان جا پرمل ڀنڊار،
سنتن ۾ سوڀارا، قدرت جا ڪرتار - اوم

٧- نام جو دان ڏجو او بابا، گيان ڌيان شان مان،
پرم پرک ابداسي، گهرون اهو وردان - اوم -

٨- سک مان سرتو نواسي، ڪريون اها اُرداس،
شرن ۾ رکجو بابا، چرنن جو ڪري داس - اوم

سلوڪ

بابا شيوا رام کو سمرن جو انسان
ڌن پتر اور لڪشمي دي اسکو ڀڳوان